ٻالڪ ڪتاب مالها

ڏاڪو: ٻيون

# ڏنو شاعر



ليک: نڪولائي اين. نوسوف

مترجم: عطا محمد ڀنڀرو

# ارپنا

هي ڪتاب
ڪامريڊ حيدربخش جتوئي
ڏانهن منسوب ڪجي ٿو.

**نصير ميمڻ، ڪراچي**

**All rights reserved**

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | Dhanno Shair [Dunno Becomes Poet / The Adventures of Dunno and his Friends] |
| Author | : | Nikolai N. Nosov |
| Translated by | : | Atta Muhammad Bhanbhro |
| Composing & Layout | : | Phoenix Books Team |
| Published by | : | Phoenix Books [an income generating initiative of TRD] |
| Title illustration by | : | Harji |
| Edition | : | 1st |
| Copies | : | 2000 |
| Year | : | 2007 |
| Price | : | 25/- |

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڏنو شاعر |
| موضوع | : | ٻاراڻو ادب |
| ليکڪ | : | نڪولائي اين. نوسوف |
| سنڌيڪار | : | عطا محمد ڀنڀرو |
| ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ | : | فيونڪس بوڪس ٽيم |
| سرورق | : | هرجي |
| ڇاپو | : | پهريون |
| ڇپائيندڙ | : | فيونڪس بوڪس |
| ڳاڻيٽو | : | 2000 |
| سال | : | 2007ع |
| قيمت | : | -/25 روپيا |

# ٻه اکر

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ٻارڻا ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. پر پوءِ به هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي جي اشد ضرورت هئي، جيڪو ٻارڙن جي ذهنن جي منظم ۽ باترتيب آبياري ڪري سگهي.

فيونڪس بوڪس ٽيم وٽ ڪافي عرصي کان هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي شروع ڪرڻ جي رٿا هئي، جنهن تحت ٻارڙن جي نه رڳو تعليم ترتيب ڪري سگهجي، پر ڪين مستقبل جي للڪارن لاءِ تيار به ڪجي.

ڇاڻايل ٻارائي ڪتابي رٿا کي هڪ مقصد هيٺ ٽن ڏاڪن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڏاڪي ۾ چوٿين کان پنجون درجو، ٻئين ڏاڪي ۾ ڇهين کان اٺون درجو، ۽ ٽئين ڏاڪي ۾ نائين کان ڏهون درجو شامل آهن. هن ٻئي ڏاڪي جي پهرين ڪڙيءَ ۾ جڳ مشهور روسي ليکڪ نِڪولو نوسوف جي مشهور ڪتاب، "ايڊوينچرس آف ڊنو اينڊ هز فرينڊس" جي هڪ باب جو ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون. جيڪو اهڙي نموني ترتيب ڏنو ويو آهي، جو هر باب ڄڻ ته هڪ الڳ ڪتاب لڳي ٿو.

اِنهن ٽنهي ڏاڪن هيٺ نوَ موضوع متعارف ڪرايا ويندا، جيئن: فطرت، فطري لقاءَ، سنڌ شناسي، آکاڻيون، ماحوليات، صحت صفائي، رياضي، اکواڻ ۽ سونهان ۽ شاعري.

هتي هڪ ڳالهه واضح ڪجي ته هن رٿا هيٺ ٻارائي عالمي ادب جا شاهڪار ترجمو ڪري سنڌي ٻارڙن لاءِ شايع ڪيا ويندا ته جيئن هو به شعوري طرح دنيا جي ٻارڙن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهن. ان کان سواءِ سنڌ جون ٻارائيون لوڪ ڪهاڻيون پڻ شايع ڪيون وينديون ته جيئن اسان جو ايندڙ نسل پنهنجي ثقافت، علم ۽ ادب کان به واقف ٿي سگهي.

مان نظرثاني ڪاميٽيءَ جي ميمبرن محمد ابراهيم جوئي، ولي رام ولڀ ۽ پروفيسر اعجاز قريشي جو ٿورائتو آهيان، جن جي ڪارائتن صلاحن تحت اسان ڪتاب جي مواد ۾ سُڌارا آندا. ان کان سواءِ فيونڪس بوڪس ٽيم جا پڻ ٿورا، جن جي محنت جي نتيجي ۾ هي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي.

ظفر جوڻيجو
ڊائريڪٽر
ٽي آر ڊي

ڏني موسيقار ٿيڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لاتا پر ويچارو موسيقار ٿي نہ سگهيو. هن بيو ڪو چارو نہ ڏسي شاعر ٿيڻ جو پڪو پهہ ڪيو. پنهنجن دوستن احبابن کيس منع ڪئي ۽ صلاح ڏني تہ ڀلي وڃي ڪوري موچي ٿي پر شاعر نہ ٿي، پر هو پنهنجي ڳالهہ تي پير ٻڌي بيهي رهيو.

هڪ ڏينهن هو شهر جي مشهور شاعر وٽ لنگهي ويو، جيڪو 'موتين' نالي واري گهٽيءَ ۾ رهندو هو. سندس ڇٽيءَ جو نالو گوگڙو، پر تخلص 'متيرو' هو. سندس شاعريءَ جا ڪيترا ئي ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪا هئا.

ڏني کيس ٻڌايو تہ هو بہ شاعر ٿيڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو آهي، تنهنڪري هو مهرباني ڪري کيس شاعري ڪرڻ سيکاري.

"ڇا تو وٽ ايترو ڏانءُ ۽ ڏات آهي جو شاعر ٿيڻ ٿو چاهين؟" متيري کانئس سوال ڪيو.

"هائو ياءُ متيرا، مان ڏاڍو ڏاهو ۽ سُڄيت آهيان. شاعري ڪندس تہ توهان کي ڏندين آڱريون اچي وينديون."

"مان ڏسندس تہ ميان ڏنا، تون ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهين؟ ڀلا ٻڌاءِ تہ سهي تہ قافيو ڇا ٿيندو آهي؟" متيري کانئس سوال پڇيو.

"مون کان اهڙا اوکا سوال پڇي مون کي واتڙو نہ ڪر. مان قافيو نہ پر شاعري سکڻ آيو آهيان."

”ميان ڏنا، قافيو ساڳي اچار وارو لفظ هوندو آهي جنهن تي شاعريءَ جي تُڪ جي پڄاڻي ٿيندي آهي. جهڙوڪ: لاٺي، چاٺي، پاٺي؛ سانگي، وانگي، دانگي؛ لولي، گولي ٻولي وغيره“

”هاڻي مان بلڪل سمجهي ويس.“

”چڱو ڀلا هاڻي طوفان جو ٻيو قافيو ٻڌاءِ“

”لغام“

”ڪاڏي طوفان، ڪاڏي لغام؟“

”سائين متيرا، چاچي ڪي گهوڙو آهي جنهن جو نالو طوفان آهي. مٺس ضابطي رکڻ لاءِ ڪيس لغام ڏنو ويندو آهي.“



”طوفان جو هم قافيہ لفظ ٿيندو گهمسان، ويران، جولان وغيره.“

”چڱو ڀلا وڻڻ جو ٻيو قافيو ڏاهي ڏيکار!“

”سنڻ“، ڏني رڙ ڪري چيو.

”اهو هٿ جو قافيو ڪيئن ٿاهي ورتئہ!“

”چئبو ڪونہ آهي وٽ سٽ - وٺڻ سنڻ“
”ميان ڏنو، تون تہ هٽ جا وينو قافيا ٽو ٺاهين.“
”هٽ سان تہ ٺاهبا آهن، مشين ٽورو ٺي قافيا ٺاهيندي آهي!“
”چڱو پلا جي توکي ٻيا قافيا ٺاهڻ نہ ٿا اچن تہ واهر جو ٻيو قافيو ٺاهي وٺ.“
”واهر، شاعر، ناعر، ڪاعر“
”قافيا بامعنيٰ لفظ هجڻ کپن. تون تہ بس هر لفظ پويان ’ر‘ جو اکر ڳنڍي وڃين ٿو پورت ڪندو. جڏهن عقل پئي ورهايو ويو تہ ماڻهن جهليا جهول هٿا پر لڳي ٿو تہ تو وري مڃي ڦاسائڻ وارو چار ڪٽي جهليو هو. وڏي وڏي وڻ ٽئين پر عقل جو ذرو بہ ڪونہ اٿئي.“
”تنهنجي چوڻ تي ڪوڙ سارا قافيا جوڙيا اٿم پر پوءِ بہ چوين ٿو تہ مون کي عقل ڪونہ آهي.“
”توکي عقل هوندو- بس رڳو منهنجي جند ڇڏ.“ متيري ڪيس چيو.
ڏنو جڏهن گهر موٽيو تہ گهٽيءَ مان اعلان ڪندو آيو تہ، ”مان شاعر آهيان ۽ متيري جو شاگرد آهيان.“
رستي تي ڪيس پنهنجو يار مَنو ملي ويو، تنهن کي رڙ ڪري چيائين، ”مَنا، اڄ کان وٺي مان شاعر آهيان، تنهنڪري تون هاڻي مون سان ادب سان ڳالهائيندو ڪر.“
اڳتي وڌيو تہ هن کي گهٽيءَ ۾ ڏِنو مليو.
”اڙي ڏِنا، ڪا نئين خبر !؟“
”يار مون وٽ تہ نئين خبر ڪانهي.“
”مون وٽ آهي.“
”ڪهڙي آ نئين خبر؟“

"نئين ۽ ڌماڪيدار خبر اها آهي تہ مان شاعر ٿي ويو آهيان."
"شاعر ٿي ويو آهين؟"
"وڏو شاعر! تمام وڏو شاعر!"
"وڏو تہ ڏَنا، اُٺ آهي. تو اُٺ تي شاعري ڪئي تہ پوءِ اسان سمجهنداسون تہ تون سچ پچ وڏو شاعر آهين."
"چڱو ٻڌ:

وِڏيون سون مُهارون، پَٽن جون اُٺن کي،
مگر پئي "ڏِنا" لَڄَ نہ، ڪرهن ڪُٺن کي."



اهو ٻڌي ڏِني وٺي ڊوڙ پاتي. گهٽيءَ ۾ جيڪو بہ ڪيس مليو تنهن کي ٻڌائيندو ويو تہ ڏنو وڏو شاعر ٿي ويو آهي.
"ڏِنا، تو ڪيئن سمجهيو تہ ڏنو وڏو شاعر ٿي ويو آهي؟" جاڙي ڪانئس پڇيو.
"هو وڏي جانور اٺ تي بہ شاعري ڪري سگهي ٿو، تنهنڪري هو وڏو شاعر آهي."
ڏِني سندس ڳالهہ وچ ۾ ڪاٽيندي ڪيس ورائيو.

هڪ ڏينهن ڏنو گهٽي مان گهر وڃي رهيو هو جو کيس جِتند ملي ويو.

”ڏنا، تون ڙي ٻڌاڪ هٽندو ٿو وتين تہ وڏو تفنگ شاعر ٿي ويو آهين؟“، جِتند هن کان پڇيو.

”هائو، آهيان.“

”اهو بہ ٻڌو اٿم تہ تون سڀ کان وڏي جانور اُٺ تي بہ شاعري ڪري سگهين ٿو.“

”هائو“

”چڱو مون واري ٻلي تي تہ شاعري ڪري ڏيکار تہ مڃانءِ.“

”چڱو ٻڌ:

هنيم ڏڪ صبح سان، جٿند جي ٻلي کي،
گُسائي پيجي ويو، لڳو ڏڪ دلي کي.“

”اُٺ بہ ڪو وڏو جانور آهي! وڏو جانور تہ هاٿي آهي. ان تي شاعري ڪر، پوءِ چوان تہ ڏنو واقعي وڏو شاعر آهي،“ جاڳڻ چيو، جيڪو مٿان اچي پهتو هو.

”هائو ٻڌ:

اوري، اوڏو هاٿي آءٌ،
ٻارن جا اي! ساٿي آءٌ.“

اهو ٻڌي جاڳڻ وٺي ڊوڙ پاتي ۽ وڃي جُڙيئي کي ٻڌايائين.

”توکي ڪيئن خبر پئي تہ ڏنو وڏو شاعر ٿي ويو آهي.“ جُڙيئي کانئس پڇيو.

”هو اٺ ۽ هاٿيءَ جهڙن وڏن وڏن جانورن تي بہ شاعري ڪري وڃي ٿو.“ جِتند کيس ورائي ڏني؟

ڳهٽو وري ڏنوءَ سان گهر ملڻ آيو ۽ پڇيائنس تہ، ”ٻڌو اٿم تون وڏو شاعر ٿي ويو آهين؟“

”هائو - بروبر!“

”ٻڌاءِ گهيٽي تي شاعري، تہ ٽين تنهنجا اڇا ڪارا پڌرا!“

”پِٽن تي، پَٽن تي، گهمايان گهيٽن کي،
لَڄايان نہ ’گهٽا،‘ مِٽن مائٽن کي.“

”تون يار سچ سچ وڏو شاعر آهين.“

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر سارنگ ڏنوءَ کي مليو ۽ کيس چيائين، ”جهنگ جهر اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي آهي تہ تون صفا وڏو شاعر ٿي ويو آهين.“

”تو بلڪل صحيح ٻڌو آهي.“

”اهو بہ ٻڌو اٿم تہ تو پنهنجي شاعريءَ ۾ دوستن جا نالا وڌا آهن.“

”هائو!“

”منهنجي نالي سان شاعري ٻڌاءِ.“

”بلڪل“

ڏيکيون ڪاڻي ڏالين جون، سوٽا ڪاٺي سارنگ،
پيٽ انهيءَ جو پاڏي جيڏو، نَڪُ انهي جو مارنگ.

ڊاڪٽر سارنگ اهو بيت ٻڌي ٽپي باهہ ٿي ويو ۽ اڇي ڏنوءَ کي ورتائين. اهڙي تہ مار ڏنائينس جو ڏنوءَ ڪٽي توبهہ توبهہ ڪئي ۽ شاعري ڪرڻ تان ٿي هٿ ڪڍي ڇڏيائين.

●●●



